**Irrigation Department**
Government of Sindh

## سنگچت جو تڙ ۽ گرانڊ  ننڍين ڊئمن جي

# ماحولياتي ۽ سماجي انتظامي رٿا جو خلاصو





سنڌ ريزيليئنس پروجيڪٽ (آبپاشي کاتو)

مارچ 2021

سنڌ ريزيليئنس پروجيڪٽ
آبپاشي کاتو حکومت سنڌ

# سنگچت جو تڙ ۽ گراندڊ ننڍن ڊئمن جي ماحولياتي ۽ سماجي اثرن جي جائزي جو خلاصو

سنڌ حڪومت عالمي بئنڪ جي مالي مدد سان صوبي جي مختلف علائقن ۾ سنڌ ريزيليئنس پروجيڪٽ (ايس آر پي) تي عملدرآمد ڪري رهي آهي.هن منصوبي تي آبپاشي کاتي (ايس آءِ ڊي) ۽ صوبائي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي (پي ڊي ايم اي) ذريعي ڪم ڪيو پيو وڃي. آبپاشي کاتي تحت هن منصوبي ۾ سنڌو درياھ جي بندن بحالي ۽ بهتري ۽ صوبي جي سوڪهڙي يا پاڻي جي کوٽ وارن علائقن ۾ برساتي پاڻي جي ذخيرن (ننڍن ڊئمن) جي اڏاوت شامل آهي.گذريل ٻن سالن ۾ 15 ڊئمن تي ڪم شروع ڪيو ويو، جيڪي هاڻي مڪمل ٿيڻ جي آخري مرحلي ۾ آهن. هاڻي سنڌ سرڪار صوبي جي ٽن ضلعن ۾ پاڻي جا 8 ننڍا ڊئم ناهڻ جي رٿا جوڙي رهي آهي. سنگچت جو تڙ ۽ گراندڊ ڊئم ڄامشوري ضلعي جي علائقي ڪوهستان ۾ واقع آهن. جڏهن ته سملي، سيهڙيون ۽ پارو جو وانديو ٿرپارڪر ضلعي ۾ آهن، ۽ 3 ڊئم جاڳڻ واري، داريغ ۽ تنگواري خيرپور ضلعي جي ناري تعلقي ۾ واقع آهن. بهرحال، هي دستاويز صرف ٻن ننڍن تجويز ڪيل ڊئمن بابت آهي، جيڪي ڪير ٿر نيشنل پارڪ، ضلعي ڄامشورو ۾ واقع آهن.

عالمي بئنڪ جي رهنما پاليسين جون گهرجون پوريون ڪندي، قومي توڙي صوبائي سطح تي لاڳو قانونن جي پاسداري ڪرڻ لاءِ هڪ ماحولياتي ۽ سماجي تجزيو ڪيو ويو آهي، ته جيئن ايس آر پي تحت تجويز ڪيل ڪمن جي امڪاني منفي اثرن کي گهٽائي سگهجي.

انهن منصوبن کي ماحولياتي ۽ سماجي مشاهداتي فهرست ڪتب آڻيندي درجہ بندي ڪئي وئي آهي. هي ٻئي منصوبا امڪاني طور هينانهين ۽ وچولي درجي جا ماحولياتي ۽ سماجي اثر وجهي سگهن ٿا. تنهن جي ڪري اهي درجہ بندي ٻي (B) اچن ٿا. هي ٻئي منصوبا ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جي فريم ورڪ ۾ ڏنل درجہ بندي واري معيار مطابق آهن. اهو فريم ورڪ (دستاويز) هن منصوبي لاءِ ناهيو ويو هو، ۽ هن جي منظوري عالمي بئنڪ ڏني.

بهرحال هي دستاويز عالمي بئنڪ جي درجہ بندي اي (A) جي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي، ٻن ننڍن ڊئمن لاءِ ناهيو ويو آهي، جيڪي ڪير ٿر نيشنل پارڪ ۾ واقع آهن ۽ هي علائقو ماحولياتي طور حساس علائقو آهي.

هي دستاويز ضمني منصوبن جي علائقن بابت طبعي، حياتياتي، سماجي، معاشي ۽ ماحولياتي پهلوئن جي جاچ مهيا ڪري ٿو. هي دستاويز منصوبي تي عملدرآمد دوران منفي اثرن کي گهٽائڻ وارن اپائن جا تفصيل فراهم ڪري ٿو، ۽ ماحولياتي توڙي سماجي ناڪاري اثرن کي ممڪن حد تائين ختم ڪرڻ لاءِ خاڪو مهيا ڪري ٿو.

مذڪوره منصوبا ڄامشورو ضلعي جي ڪوهستان واري علائقي ۾ واقع آهن. ڪوهستان ڪيرٿر جو پهاڙي سلسلو آهي، جيڪو سڌن ميدانن ۽ جبلن سان گهيريل ٽڪرين تي مشتمل آهي. جبلن ۽ ٽڪرين جي وچ ۾ ماٽريون اُن وقت گاهه سان سايون ٿين ٿيون، جڏهن اتي چوماسي (جون-آگسٽ) جي برسات پوندي آهي، ۽ جنهن سان انهن علائقن جي زراعت جي حوالي سان صلاحيت ظاهر ٿئي ٿي.

ڪوهستان جي جبلن مان سوين نئيون نڪرن ٿيون، جيڪي برساتي پاڻي ميداني علائقن ۾ ڪٽي اچن ٿيون، جتي مقامي هاري نئين جو پاڻي روڪي خشڪ زمين تي فصل پوکڻ لاءِ ڪتب آڻيندا آهن.

ضمني منصوبن جي علائقي ۾ مقامي آبادي زير زمين ۽ زمين تي گڏ ٿيل پاڻي آبپاشي مقصدن لاءِ استعمال ڪري ٿي. ڪوهستان جي مختلف علائقن ۾ زيرِ زمين پاڻي جي اونهائي 70 کان 350 فوٽ آهي. جيڪڏهن ٻن سالن تائين برسات نٿي پوي ته زير زمين پاڻي ايترو ته خُشڪ ٿي ويندو آهي، جو مقامي آبادي وٽ فصل پوکڻ لاءِ پاڻي بلڪل نه هوندو آهي. مذڪوره ننڍين ڊئمن جي نهڻ سان ڪوهستان جي علائقي ۾ زيرِ زمين پاڻي جي سطح ۾ اضافو ٿيندو، ۽ اُن سان جر جي سطح ڊگهي عرصي تائين برقرار رکي سگهبي. ڊئم چراگاهن جي ڀرسان چوپائي مال لاءِ پيئڻ جي پاڻي جي سهولت فراهم ڪندا. ڊئمن جي تعمير سان ٻوڏ جي شدت گهٽجي ويندي، زمين جي زرخيزي کي نقصان گهٽجندو، ان سان گڏ لنڪ روڊ، بجلي جا ٿنبا ۽ مقامي انساني آبادين کي ٿيندڙ نقصانن ۾ به گهٽتائي ايندي.

اُنهن علائقن ۾ پاڻي نه هجڻ سبب زراعت سخت متاثر ٿئي ٿي، اُن جي نتيجي ۾ برساتي پاڻي تي ٿيندڙ فصلن جي ايراضي ۾ به گهٽتائي ٿئي ٿي، ۽ گهم جي گهٽجڻ سبب مجموعي زرعي پيداوار تي اثر ٿئي ٿو. جوئر، ٻاجهري ۽ گوار سانوڻي جا اهم فصل آهن، جيڪي برساتي پاڻي ۾ ٿين ٿا. جڏهن ته سياري جا اهم فصل جوَ ۽ سرنهن آهن. اُن ڪانسواءِ انساني استعمال لاءِ اناج اُپايو وڃي ٿو، جنهن مان چوپائي مال جو چارو به حاصل ڪيو وڃي ٿو.

مقامي آبادي لاءِ چوپايو مال بُنيادي ۽ مُکيه اثاثي جيان آهي. اُنهن علائقن ۾ پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ ۽ چاري جي کوٽ چوپائي مال جي صحت کي بدترين نموني متاثر ڪيو آهي. چوپائي مال کير ڏيڻ گهٽائي ڇڏيو، جنهن جا ماڻهن جي آمدني ۽ غذائي حالت تي انتهائي منفي اثر پيا آهن. ماڻهو چارو نه هجڻ سبب پنهنجو چوپايو مال ٻئراجي علائقن ۾ منتقل

ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندا آهن، جڏهن تہ اُهي علائقا بہ پاڻيءَ جي کوٽ ڪي منهن ڏئي رهيا آهن.

عورتن پاران پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ طئہ ٿيندڙ فاصلو علائقن جي حساب سان مختلف آهي. مثال طور، ٿرپارڪر ۾ عورتن ۽ مردن کي پاڻي پرڻ لاءِ 8 کان 10 ڪلوميٽرز تائين سفر ڪرڻو پوندو آهي. جڏهن تہ ڪوهستان ۾ ڪين 2 کان 3 ڪلوميٽرن تائين سفر ڪرڻو پوي ٿو.

پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان وٺي بدترين ڏڪار 1998 کان 2002ع واري عرصي ۾ آيو هو. سنڌ ۾ ٿرپارڪر کانپوءِ سڀ کان وڌيڪ ڄامشورو ضلعي جو ڪوهستان وارو علائقو متاثر ٿيو، جتي هزارين ايڪڙ فصل تباهہ ٿيو ۽ چوپايو مال مري ويو. هن ڏڪار ۾ هڪ اندازي موجب اٽڪل 33 لک ماڻهو متاثر ٿيا. اُن سان گڏ 3 ڪروڙ چوپائي مال جي متاثر ٿيڻ جي رپورٽ ملي، جن ۾ اٽڪل 20 لک مال جو مرڻ بہ شامل آهي. کير ۽ گوشت يا تہ مڪمل طور غائب ٿي ويو يا وري غيرمعمولي حد تائين گهٽجي ويو، جنهن سبب خوراڪ ۽ غذا جي کوٽ پيدا ٿي، جڏهن تہ ماڻهن، خاص ڪري ٻارن جي جسماني صحت متاثر ٿي. چوپائي مال ۽ اُنهن مان پيدا ٿيندڙ شين جا اگهہ تيزيءَ سان چوٽ چڙهي ويا، چاڪاڻ تہ علائقي ۾ چوپائي مال جو تعداد گهٽجي ويو. زراعت سان لاڳاپيل ڪيترائي ماڻهو بيروزگار ٿي ويو. ماڻهن جي کائڻ پيئڻ جون عادتون ايتريون تہ تبديل ٿيون، جو ٻن مان هڪ ويلي تي اچي ويا. (حوالو: سنڌ ۽ بلوچستان ۾ ڏڪار کي منهن ڏيڻ بابت حڪمتي عملي جو تجزيو. آءِ ڊبليو ايم آءِ)

تجويز ڪيل ننڍا ڊئم پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ جو مسئلو حل ڪندا ۽ مقامي آبادي لاءِ سڄو سال نسبتن منو پاڻي موجود هوندو. ڊئمن جي اڏاوت ۽ منصوبي تي عمل سان مجموعي طور 1971 آبادي جي 267 گهراڻن کي فائدو ملندو.

ڪوهستان هڪ خُشڪ پهاڙي علائقو آهي، جتي آبادگار چوماسي جي مُند ۾ پوکي لاءِ نئيُن جو پاڻي استعمال ڪندا آهن، اُهي نئيون چوماسي جي مُند ۾ ڊگهو فاصلو طئہ ڪري وهنديون آهن. مقامي ماڻهن جي آمدني جا مُکيہ ذريعا چوپايو مال ۽ برساتي پاڻي تي ٿيندڙ زراعت آهن، جڏهن بہ ڏڪار جهڙي صورتحال پيدا ٿئي ٿي تہ اُنهن علائقن جا ماڻهو خاندانن ۽ ڍڳن سان گڏ ڪجهہ مهينن لاءِ بئراجي علائقن ۾ لڏپلاڻ ڪري ويندا آهن. وري اُهي وسڪاري جي مُند ۾ پنهنجي علائقن ڏانهن واپس هليا ويندا آهن. سنڌ جي ٻين ريگستاني علائقن جيان ڪوهستان بہ برساتي نظام تبديل ٿيڻ سبب مسلسل ڏڪار جهڙي صورتحال کي منهن ڏئي ٿو.

پاڪستان جي موسميات ڪاتي اڳڪتي ڪئي آهي تہ برسات نہ پوڻ جي صورت ۾ وسيلن جي ختم ٿيڻ سان صورتحال وڌيڪ خراب ٿي ويندي. فصلن جي پوکي ۾ گھٽتائي جاري رهندي، چوپائي مال جي مرڻ جي شرح ۾ اضافو ٿيندو، جڏهن تہ پاڻي ۽ کاڌي جي فراهمي ۾ گهٽتائي اچڻ سبب مقامي ماڻهن جي صحت وڌيڪ متاثر ٿيندي.

(**حوالو**: http://www.actalliance.org ).

مذڪوره ننڍن ڊئمن ناهڻ لاءِ ڪابہ خانگي زمين گھربل نہ هوندي، ڇاڪاڻ جو نئيون سرڪاري ملڪيت ۾ اچن ٿيون. اُن سان گڏ نہ ڪنهن ڊانچي کي ڊاهيو ويندو ۽ نہ ئي وري ڪنهن کي ٻيهر آباد ڪرڻ جي ضرورت پوندي. ڇاڪاڻ تہ هي ڊئم اهڙن علائقن ۾ واقع آهن، جتي آبادي گھٽ ۽ ٽڙيل پکڙيل آهي. ڪيمپ جي تعمير لاءِ نجي يا سرڪاري ملڪيت ۾ آيل زمين جي عارضي استعمال، ڊئمن جي تعمير لاءِ گھربل مٽي جي کوٽائي، ٻاهرين مزدورن جي آمد، نباتات جي نقصان، گندڪچرو، ملازمت ڪندڙ ماڻهن جي صحت، مقامي آبادي ۽ مزدورن جي تحفظ سميت ڪجھ اهڙا مامرا آهن، جِن جي ڪري ڪجھ سماجي ۽ ماحولياتي اثر پيدا ٿي سگھن ٿا، جنهن لاءِ هي دستاويز تيار ڪيو ويو آهي.

ننڍن ڊئمن وارن منصوبن ۾ 10 کان 15 فوٽ اونچا مٽيءَ جا بند ناهڻ ۽ اسپل ويز واريون سيمينٽ جون ديوارون شامل آهن. اڏاوت سان لاڳاپيل اثر، جهڙوڪ فضائي ۽ آواز جي گدلاڻ ۽ ماڻهن جي وسيلن تي پوندڙ اثرن کي لاڳاپيل اپائن تي بهتر عملدرآمد سان گھٽائي سگھجي ٿو. اُن سان گڏ، ڊئمن جي تعمير سان حيوانات ۽ نباتات جي ماحولياتي صورتحال ۾ ڪابہ منفي تبديلي نہ ايندي، اُن جي ابتڙ، مذڪوره ننڍا ڊئم علائقي جي ماحولياتي حالتن کي ڊگھي عرصي تائين بهتر ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪندا. بهرحال، ٺيڪيدارن کي اڏاوتي ڪم دوران هن دستاويز ۾ تجويز ڪيل قدمن تي سختي سان عمل ڪرڻو پوندو.

ڊئم ناهڻ واري جاءِ تي مشينري ۽ گاڏين جي مناسب جانچ توڙي سار سنڀال سان امڪاني ناڪاري اثرن کي گھٽائي سگھجي ٿو. اهڙن ٻين اپائن ۾ ڳري مشينري جو آواز دٻائڻ واري اوزار يا مفلر جو استعمال، ڪچن رستن تي ڇٽڪار، اڏاوتي ملبي/ گند ڪچري کي فوري هٽائڻ سان خراب اثرن تي ضابطو، پاڻي کي گدلو ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ مناسب ذخيري جو انتظام ڪرڻ، استعمال ٿيل تيل کي نڪاڻي لڳائڻ ۽ گدلي پاڻي کي صاف ڪرڻ جو انتظام شامل آهن، جڏهن تہ اُنهن اپائن ۾ لڳاتار صفائي سٽرائي جو انتظام بہ شامل آهي.

ملازمت ڪندڙ ماڻهن جي صحت ۽ تحفظ کي جِن اپائن ذريعي يقيني بڻايو ويندو، اُنهن ۾ حادثن يا بيمارين جي روڪٿام لاءِ لڳاتار معائنو، مزدورن ۽ آبادي ۾ جاڳرتا، صفائي جو بندوبست، ڪورونا کي منهن ڏيڻ لاءِ انتظام، نگراني ۽ بچاءَ جو طريقو، هنگامي حالتن کي

منهن ڏيڻ لاءِ اپاءَ ۽ طريقيڪار، صفائي جي مناسب سهولتن جي فراهمي، پيئڻ جو صاف پاڻي ۽ مزدورن ڪي گندڪچري جي ڊبن جي فراهمي شامل آهن. ڊئمن ناهڻ جي دوران هن دستاويز ۾ ڏنل قدمن تي صحيح نموني عمل ڪرڻ سان علائقي جي طبعي، حياتياتي، سماجي، معاشي ۽ ماحولياتي صورتحال تي ڪي بہ منفي اثر نہ پوندا. البتہ اِن سان انتهائي اهم مثبت اثر ضرور پوندا، جنهن سان علائقي ۾ پائيدار ترقي ٿيندي.

اُن سان گڏ هي دستاويز ادارتي انتظامن جو هڪ خاڪو بيان ڪري ٿو، جنهن ۾ منفي اثر گهٽائڻ لاءِ گهربل قدم کڻڻ، اُنهن جي نگراني، فيلڊ واري عملي جون صلاحيتون وڌائڻ لاءِ تربيت جو بندوبست ڪرڻ، عملدرآمد ۽ خرچ جو ڪاٿو، ۽ شڪايتن جي ازالي وارو طريقيڪار (جي آر ايم) شامل آهن. مقامي ماڻهن، حڪومتي شعبن ۽ اين جي اوز سوڌو سمورين لاڳاپيل ڌرين سان صلاح مشورا ڪري هي دستاويز تيار ڪيو ويو آهي.

ماحولياتي ۽ سماجي تحفظ جي حوالي سان لڳاتار نگراني ڪئي ويندي، تہ جيئن منفي اثر گهٽائڻ وارن اپائن تي لڳاتارۡ اثرائتي نموني عملدرآمد کي يقيني بڻائي سگهجي. اُنهن تي ٽن سطحن تي عملدرآمد ڪيو ويندو. پروجيڪٽ مئنيجمينٽ ٽيم (پي ايم ٽي) جي سطح تي ماحولياتي ۽ سماجي تحفظ جا ماهر نگراني ڪندا، تہ جيئن اِن ڳالھ جي خاطري ٿي سگهي تہ رٿا تي اثرائتي نموني عملي ٿي رهيو آهي ۽ اِن سلسلي ۾ هو تسلسل سان ڊئم جي اڏاوت وارين جاين جا دورا بہ ڪندا. جڏهن تہ فيلڊ جي سطح تي پروجيڪٽ امپليمينٽيشن ڪنسلٽنٽس (پي آءِ ايس سي) طرفان وڌيڪ تسلسل سان نگراني ڪئي ويندي. ٽئين سطح تي پي آءِ ايس سي ۽ پي ايم ٽي جَي ماحولياتي ۽ سماجي يونٽ طرفان هن دستاويز تي عملدرآمد جي حوالي سان ماهوار، ٽہ ماهي ۽ ساليانيون رپورٽس تيار ڪيون وينديون.

سنڌ ريزيلينس پروجيڪٽ (ايس آر پي) ۽ هن دستاويز تي عملدرآمد ڪرڻ جي مجموعي ذميواري پروجيڪٽ مئنيجمينٽ ٽيم (پي ايم ٽي)، آبپاشي کاتي سنڌ مٿان آهي، جنهن جو سربراھ پروجيڪٽ ڊائريڪٽر آهي. پروجيڪٽ مئنيجمينٽ ٽيم کي ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جي يونٽ جي مدد حاصل آهي، جيڪو پي ايم ٽي ۾ ئي قائم ٿيل آهي. پي ايم ٽي طرفان پروجيڪٽ امپليمينٽيشن، سپورٽ اينڊ سپرويئن ڪنسلٽنٽس (پي آءِ ايس سي) جون خدمتون بہ حاصل ڪيون ويون آهن، جيڪي ڊئمن جي اڏاوت جي نگراني جا ذميوار آهن.

پي آءِ ايس سي وٽ هن دستاويز تي عملدرآمد ۽ اُن جي نگراني لاءِ سماجي ۽ ماحولياتي تحفظ جا ماهر موجود آهن. آخر ۾ تعميراتي ٺيڪيدار بہ ماحولياتي، سماجي ۽ صحت جي تحفظ بابت انسپيڪٽر/آفيسر مقرر ڪندو، جيڪي منفي اثرن کي گهٽائڻ وارن اپائن تي عمل ڪرائڻ جا ذميوار هوندا، اهي اپاءَ هِن دستاويز ۾ بيان ڪيل آهن. اِن مقصد

لاءِ ڊئمن جي تعمير وارن نيڪن ۾ مناسب شقون شامل ڪيون وينديون. پي ايم تي طرفان ماحولياتي، سماجي، نگراني ۽ تجزيو ڪندڙ صلاحڪارن جون خدمتون حاصل ڪيون ويون آهن، جيڪي پنهنجي طور ذيلي منصوبن جي سرگرمين جي نگراني ۽ تصديق ڪندا.

اِن ڳالهہ جو ڪاٿو ڪيو ويو آهي تہ ڄاڻايل ٻن ڊئمن جي اڏاوت لاءِ 19 وڻن جي واڍي ٿيندي، وڍيل وڻن جي پيٽ ۾ 5 پيرا وڌيڪ وڻ پوکڻ لاءِ هڪ هزار رُپيا في وڻ جي حساب سان 95 هزار رُپيا خرچ ايندو. هن دستاويز تي عملدرآمد جي لاءِ الڳ بجيٽ **209,221,480** رُپيا رکيا ويا آهن، جنهن ۾ ڪورونا کان بچاءُ جا انتظام بہ شامل آهن. جڏهن تہ هر ڊئم تي مقامي ماڻهن جي ڀلائي لاءِ هڪ ڪروڙ رُپيا پڻ رکيا ويا آهن. هي رقم هر ڊئم جي اي ايس ايم پي ۽ بي او ڪيو ۾ عارضي رقم طور شامل ڪئي وئي آهي.